SPCS
SINDH PRISONS & CORRECTIONS SERVICE

COMMITTEE FOR THE WELFARE OF PRISONERS
LEGAL AID OFFICE

حکومت سندھ

# جيل جا عام قاعدا



## 01

# قيدي جي جائيداد ۽ ذاتي مال

جيل ۾ داخل ٿيندڙ هر قيدي جي اسسٽنٽ سپرينٽينڊنٽ يا ڊيوٽي آفيسر جي نگراني ۾ گيٽ ڪيپر وسيلي چڱي نموني جڙتي ورتي ويندي. جڙتي دوران هٿ آيل سمورين منع ٿيل شين کي قبضي ۾ ورتو ويندو. روڪ رقم، زيور، ڪپڙا ۽ قيدي سان لاڳاپيل ڪهڙي به قسم جو ٻيو سامان به ورتو ويندو ۽ داخلا واري رجسٽر ۾ لکيو ويندو ۽ مناسب فهرست موجب هٿيڪو ڪري ان جي رسيد قيدي کي ڏني ويندي..



اگر قيدي سان ملڻ وارا دوست يا رشتيدار جيل ۾ يا رهائي مهل قيدي جي استعمال لاء ڪا شيء يا روڪ رقم ڏيڻ چاهن ته انچارج آفيسر جي اجازت سان اهڙيون شيون جيل جي مک دروازي ته جمع ڪرائيندا. هن قاعدي موجب جمع ٿيل ڪهڙو به سامان يا رقم لاڳاپيل رجسٽرن ۾ لکيو ويندو ۽ قيدي کي ان جي اطلاع ڏني ويندي.

جيل ۾ رهندي قيدي کي رڳو قاعدن موجب رکيل شيون استعمال ڪرڻ جي اجازت هوندي. انچارج آفيسر جي تحريري منظوري کان سواء جيل اندر ڪا به شي يا رقم قيدي حوالي ڪرڻ سختي سان منع آهي، اهڙي عمل کي نظم ۽ ضبط جي ڀڃڪڙي يا ڏوهه قرار ڏنو ويو آهي

# ڪاڌو پيتو



سمورن قيدين کي حڪومت جي خرچ تي ڪاڌي ۽ پيتي جو سامان ڏنو ويندو. ڪاڌو جيل جي بورچي خاني ۾ تيار ڪيو ويندو جڏهن ته انچارج آفيسر روزاني بنيادن تي قيدين لاء تيار ٿيل ڪاڌي جي چڪاس ڪندو. جيل اصول 52 حمل وارين عورتن، بيمار قيدين ۽ ٻارن لاء خاص غذا واري خوراڪ تيار ڪئي ويندي. جيل اصول 747-4

# طبي چڪاس



هر جيل ۾ بيمار قيدين جي سار سنڀال ۽ علاج لاء هڪ اسپتال هوندو. جيل اصول 186

بيماري جي شڪايت ڪرڻ واري هر قيدي کي ميڊيڪل آفيسر يا ڪنهن به طبي عملي آڏو آندو ويندو جيڪو هن جي چڪاس ڪندو ۽ ان ڳالھ جي تصديق ڪندو ته ڇا مريض قيدي جيل کان ٻاهر علاج جوڳو آهي يا جيل واري اسپتال ۾ ان جو علاج ٿي سگهي ٿو. جيل اصول 187

اگر ڪوئي قيدي خراب يا نامناسب صحت يا ڪنهن معذوري جو شڪار آهي ته ميڊيڪل آفيسر ان جي معذوري جو سبب يا وري ڪنهن بيماري جهڙوڪ ٽري جو وڏي وڃڻ، رت جي ڪوٽ يا وٿامن سي جي ڪوٽ سبب وچڙندڙ بيماري کي تاريخي تڪيت ۽ داخلا رجسٽر ۾ لکندو

جيل اصول 176

03

# عدالتن ۾ حاضري




انچارج آفيسر ان ڳالھ کي يقيني بڻائيندو تہ قيدي کي مناسب وقت ۽ مناسب جڳھ تي حاضر ڪيو وڃي جيڪو عدالتي حڪم ۾ چيو ويو آهي.

عدالتي ڪاروائي جي التوا تي جنهن ۾ هڪ قيدي ٻئي قيدي ساڻ حاضر ٿيندو آهي ان کي جيل واپس اماڻيو ويندو.


اگر ضروري هجي تہ جيل اندريا وڊيو ڪال وسيلي ڪيس جي ٻڌڻي لاء جيل سروس مناسب جڳھ فراهم ڪري سگهي ٿي.
جيل اصول 45-4

# جيل ۾ ڪم

انچارج آفيسر سخت سزا ملندڙ قيدين ۽ اهڙا ٻيا قيدي جيڪي جيڪي رضاڪارانہ طور تي ڪم ڪرڻ چاهين ٿا انهن ۾ مناسب ڪم ونڊيندو. اهڙا ڪم صنعتي يا غير صنعتي ٿي سگهن ٿا. ڪنهن بہ جيل ۾ ڪا انڊسٽري قائم ڪرڻ مهل هيٺ ڄاڻايل ٻہ اهم مقصد نظر ۾ رکيا ويندا:

1) قيدين کي هنري سکيا ڏيڻ تہ جيئن هو جيل منجهان آزاد ٿيڻ ڪانپوء عزت واري روزي ڪمائي سگهن
2) اهڙي صنعت مقامي طور تي اندرين علائقن منجہ دستياب آهي. جيل اصول 798







05



# مجرم قيدين لاء درجي بندي

جيل جو انچارج آفيسر قيدين کي ٻن قسم جي ڪلاس ۾ تقسيم ڪندو، هڪ بي ڪلاس يعني بهتر ڪلاس ۽ سي ڪلاس يعني عام ڪلاس.

بهتر ڪلاس جو معيار هن ريت آهي:

1) ڪو به قيدي جيڪو هائير ايجوڪيشن ڪميشن مان تسليم ٿيل ڪنهن اداري مان بيچلر يا پي ڪا پروفيشنل ڊگري رکندڙ هجي.

2) پنهنجي ڪمائي واري زندگي جي آخري ٽن سالن دوران ٽيڪس ڏيندڙ هجي


- سالياني پنجاهه هزار روپين کان گهٽ نہ هجن يا
- اهڙو شخص جيڪو گزيٽيڊ آفيسر رهي چڪو هجي يا
- اهڙو شخص جيڪو صوبائي يا قومي اسيمبلي يا پاڪستان جي سينٽ جو ميمبر رهيو هجي، يا ميئر، ڊپٽي ميئر
- ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن، ميونسپل ڪارپوريشن، ميونسپل ڪاميٽي، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل يا ٽائون ڪاميٽي جو چيئرمين يا وائس چيئرمين رهي چڪو هجي يا وري اهڙو ڪو شخص جيڪو تعليمي شعبي سان لاڳاپيل هجي.
- سماجي طور تي بهتر زندگي گذارڻ جو عادي شخص يا سنگين جرم ۾ ملوث سزا يافتہ قيدي بهتر طبقي جو حقدار نہ هوندو ڀلي هو مٿين معيارن تي پورو لهندڙ ڇو نہ هجي. جيل اصول 51

3) اهڙا قيدي جيڪي مٿي لکيل ڪنهن به زمري ۾ شامل نہ آهن انهن کي ٻيون نمبر اصول جي تحت ڪامن ڪلاس ۾ شمار ڪيو ويندو.

جيل اصول 736

# 06

# تعليم




سمورن اٽپڙهيل قيدين کي پگهار تي رکيل استادن وسيلي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ روزاني پرائمري درجي تائين جي تعليم ڏني ويندي، انهن کي پڙهيل لکيل قيدي بہ مدد ڏئي سگهن ٿا.



اهڙن قيدين کي سهولتون ڏنيون وينديون جيڪي اعلي تعليم حاصل ڪرڻ چاهين ٿا.



هر جيل ۾ هڪ سٺي ۽ وڏي لائبريري هوندي. قيدين کي اجازت ڏني ويندي تہ هو روزانا سرڪاري خرچ تي گهرايل اخبارون پڙهي سگهن. قيدين کي پنهنجي خرچ تي منظور ٿيل اخبارون يا مئگزين حاصل ڪرڻ جي بہ اجازت هوندي.


04

# مذهبي فرض ۽ عبادتون



قيدين جي مذهب ۾ ڪنهن قسم جي مداخلت جي اجازت ڪونہ ڏني ويندي.

هر قيدي کي اجازت هوندي تہ هو پنهجون مذهبي عبادتون پرسڪون ۽ منظم انداز ۾ ادا ڪري



مسلمان قيدين مان رمضان جا روزا رکڻ جي اميد رکي ويندي، سحري رات جي وقت تيار ڪئي ويندي ۽ قيدين کي تازي ۽ گرما گرم حالت ۾ ورهائي ڏني ويندي. رکيل ڪاڌو نہ ورهايو ويندو

07

# شڪايتون




ڪو بہ قيدي ڪنهن بہ مهل انچارج آفيسر يا ڊپٽي سپرينٽينڊنٽ سان مل شڪايت ڪرڻ جي خيال سان ملڻ لاءِ پنهنجي جڳهہ ڪونہ ڇڏيندو پر حملي يا بدسلوڪي جهڙي عمل جي خدشي جي صورت ۾ اگر ضروري محسوس ٿئي تہ انچارج آفيسر يا ڊپٽي سپرينٽينڊنٽ جي دوري مهل شڪايت ڪرڻ لاءِ ملي سگهجي ٿو.



ڪو بہ قيدي اگر هنگامي بنيادن تي ڪا شڪايت ڪرڻ چاهي ٿو تہ ان کي انچارج آفيسر آڏو آندو ويندو پر معمولي شڪايتن ۾ درخواستن لاءِ اصولي طور تي انچارج آفيسر جي هفتي وار چڪاس واري عمل جو انتظار ڪيو وڃي.

# وڪيلن جو خدمتون



جيل ۾ داخل ٿيڻ مهل هڪ قيدي کي ان جي هيٺ ڄاڻايل حقن ۽ ذميوارين بابت ڄاڻ ڏني ويندي:

1) ڪنهن قانوني وڪيل جو انتخاب ڪيو يا ان سان مشورو ڪيو يا

2) آفيسر انچارج سان گڏ قانوني مشيرن جو هڪ پئنل موجود هوندو ۽ جيسيتائين ممڪن هجي قيدي وٽ حق هوندو ته ان پئنل منجهان ڪنهن وڪيل کي هڪ کي رياستي خرچ تي پنهنجي ڪيس لاءِ منتخب ڪري.

قيدين جي فلاح لاءِ ڪم ڪندڙ ڪاميٽي جي وسيلي مقرر ٿيل دفاعي وڪيل هفتي وار بنيادن تي جيل جو دورو ڪندا آهن ۽ ننڍڙن ڪيسن ۾ ملوث قيدين جن جا ڪيس هلندڙ هجن تن کي مفت قانوني خدمتون فراهم ڪندا آهن. انهن جي دوري جي سان لاڳاپيل معلومات يا انهن جي جيل وزٽ جا شيڊول جيلن ۾ ملاقات جي جڳهه تي رکيل آهن.

COMMITTEE FOR THE WELFARE OF PRISONERS

LEGAL AID OFFICE

ہیڈ آفس

Block - C, First Floor, FTC Building,
Shahrah -e-Faisal, Karachi.,

فون

ٹول فری : 0800-70806

ہیڈ آفس : 021-35390132-33

کال سینٹر آفس : 021-35308533

ای میل

info@lao.org.pk

فیس بک

@LegalAidOfficePakistan

ویب سائٹ

www.lao.org.pk

خاکہ نگار

سحر سطوت